# سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريہ 1977

# SINDH ACT NO.I OF 1977

# آبڪاري قانون (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1977

# THE ABKARI LAWS (SINDH AMENDMENT) ACT, 1977

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and Commencement

2. 1878 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي دفعہ 56 جي ترميم
Amendment of section 56 of Sind Act V of 1878

3. 1940 جي سنڌ ايڪٽ نمبر IV جي دفعہ 22 جي ترميم
Amendment of section 22 of Sind Act IV of 1940

4. 1960 جي ڊبليو. پي سنڌ آرڊيننس نمبر II جي دفعہ 16 جي ترميم
Amendment of section 16 of W.P. Ordinance II of 1960

5. ڪيسن جي منتقلي
Transfer of cases

6. 1977 جي آرڊيننس نمبر II جي منسوخي
Repeal of Sind Ordinance II of 1977

# سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريہ 1977

# SINDH ACT NO.I OF 1977

# آبڪاري قانون (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1977

# THE ABKARI LAWS (SINDH AMENDMENT) ACT, 1977

[06 مئي، 1977]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ آبڪاري ايڪٽ 1878، سنڌ نشيدار شيون واپرائڻ تي پابندي ايڪٽ 1940، ۽ اولهہ پاڪستان آفيم واپرائڻ تي پابندي آرڊيننس 1960 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ آبڪاري ايڪٽ 1878، سنڌ نشيدار شيون واپرائڻ تي پابندي ايڪٽ 1940، ۽ اولهہ پاڪستان آفيم واپرائڻ تي پابندي آرڊيننس 1960 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and Commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي آبڪاري قانون (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1977 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

2. سنڌ آبڪاري ايڪٽ، 1878 ۾ دفعہ 56 جي لاءِ هيٺ ڏنل کي تبديل ڪيو ويندو:-

[ڏوهہ جوازالو] "56. هن ايڪٽ جي تحت سزا جي لائق ڏوهہ جو ڪيس فرسٽ ڪلاس جي مجسٽريٽ جي عدالت کانسواءِ ڪنهن ٻي عدالت جي ذريعي نہ هلايو ويندو.

سنڌ 1878جي ايڪٽ نمبرV جي دفعہ 56 جي ترميم
Amendment of section 56 of Sind Act V of 1878

3. سنڌ نشيدار شيون واپرائڻ تي پابندي ايڪٽ، 1940 ۾ دفعہ 22 جي لاءِ هيٺ ڏنل کي تبديل ڪيو ويندو:-

[ڏوهہ جوازالو] "22. (1) هن ايڪٽ تحت هڪ ڏوهہ قابل قبول هوندو.

(2) هن ايڪٽ تحت سزا جوڳو ڪنهن بہ ڏوهہ جو ڪيس فرسٽ ميجسٽريٽ جي عدالت کانسواءِ ڪنهن ٻي عدالت ۾ نہ هلايو ويندو.

سنڌ 1940 جي ايڪٽ نمبر IV جي دفعہ 22 جي ترميم
Amendment of section 22 of Sind Act IV of 1940

4. اولهہ پاڪستان ۾ آفيم تمباڪو نوشي جي پابندي آرڊيننس، 1960، جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ لاڳو ٿئي ٿو دفعہ 16 جي لاءِ هيٺ ڏنل متبادل هوندو.

[ڏوهہ جوازالو] "16. هن آرڊيننس جي تحت سزا جوڳو ڪنهن ڏوهہ جو ڪيس فرسٽ ميجسٽريٽ جي عدالت کان علاوه ڪنهن ٻي عدالت جي ذريعي نہ هلايو ويندو.

1960 جي ڊبليو. پي سنڌ آرڊيننس نمبرII جي دفعہ 16 جي ترميم
Amendment of section 16 of W.P. Ordinance

II of 1960

**ڪيسن جي منتقلي**
Transfer of cases

5. سنڌ آبڪاري ايڪٽ، 1878، سنڌ جي نشي جي استعمال تي پابندي ايڪٽ، 1940، ۽ اولهه پاڪستان پرهبيشن آف آفيم سموڪنگ آرڊيننس، 1960 جي تحت سزا جي لائق ڏوهن سان لاڳاپيل سمورا ڪيس، جيئن تہ سنڌ صوبي تي لاڳو آهن ۽ عدالتن ۾ التويٰ هيٺ آهن، آبڪاري قانون (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1977 جي لاڳو ٿيڻ کان فوري اڳ سيشنز سواءِ انهن ڪيسن جي، جيڪي دليلن يا فيصلي جي لاءِ مقرر ڪيا ويا هجن، اهڙن ڪيسن ۾ عدالتي اختيار رکندڙ فرسٽ ڪلاس جي ميجسٽريٽ جي عدالتن ۾ منتقل ڪيا ويندا.

**1977 جي آرڊيننس نمبر II جي منسوخي**
Repeal of Sind Ordinance II of 1977

6. آبڪاري قانون (سنڌ ترميمي) آرڊيننس، 1977، هن ريت منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**